SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر XII مجريه 1994

# SINDH ACT NO.XII OF 1994

# سنڌ ثقافتي ورثو (تحفظ) ايڪٽ، 1994

# THE SINDH CULTURAL HERITAGE (PRESERVATION) ACT, 1994

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definition

3. مشاورتي ڪميٽي
Advisory committee

4. سوال ته ڇا تحفظ ۾ ورتل ڪو ورثو تاريخي آهي
Question as to whether any protected heritage is of historic interest

5. احاطن جي حوالگي، تحفظ وغيره
Custody, preservation etc., of premises

6. تحفظ ۾ ورتل ورثي جو اعلان

Declaration of protected heritage

7. حڪومت جي تحفظ ۾ ورتل ورثي جو حق يا سنڀال حاصل ڪرڻ

Acquisition of right in or guardianship of a protected heritage of the Government

8. تحفظ ۾ ورتل ورثي جو تحفظ

Preservation of protected heritage

9. سنڀال نہ ڪري سگھندڙ مالڪ

Owners under disability

10. رهتن جي اوڳاڙي

Recovery of Arrears

11. تحفظ ۾ ورتل ورثي جي مرمت لاءِ مالي امداد جي درخواست

Application of endowment to repair of a protected heritage

12. تحفظ ۾ ورتل ورثي جي لازمي خريد

Compulsory Purchase of Protected heritage

13. تحفظ ۾ ورتل ورثي جي مرمت

Maintenance of protected heritage

14. چندا ۽ امداد

Contributions and donations

15. تحفظ ۾ ورتل ورثي جو مقصد ۽ استعمال

Purpose and use of protected heritage

16. تحفظ ۾ ورتل ورثي ۾ حڪومت طرفان حق کان دستبردار ٿيڻ

Relinquishment of Government rights in a protected heritage

17. مخصوص تحفظ ۾ ورتل ورثي تي پهچ جو حق

Right of access to certain protected heritage

18. ڏنڊ

Penalty

19. ختم کرڻ جو اثر

Overriding effect

20. قاعدا

Rules

21. هن ايڪٽ تحت ڪم ڪندڙ شخص جو تحفظ

Protection to the Person; acting under this Act

# سنڌ ايڪٽ نمبر XII مجريه 1994

# SINDH ACT NO.XII OF 1994

# سنڌ ثقافتي ورثو (تحفظ) ايڪٽ، 1994

# THE SINDH CULTURAL HERITAGE (PRESERVATION) ACT, 1994

[30 اپريل 1994]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ قديم ماڳن ۾ تعميراتي، تاريخي، آثار قديم، فني اهميت جي حاصل، ايٿنالاجيڪل، اينٿروپولاجيڪل ۾ قومي دلچسپي جي شين جي محفوظ بڻايو ۽ تحفظ ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ قديم ماڳن ۾ آرڪيٽيڪچرل، تاريخي، آرڪيالاجيڪل، آرٽسٽڪ، ايٿنالاجيڪل، اينٿروپولاجيڪل ۾ قومي دلچسپي جي شين جي محفوظ بڻائڻ ۽ تحفظ ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي.

ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ ثقافتي ورثو (تحفظ) ايڪٽ، 1994 سڏيو ويندو.

(2) هن جي پوري صوبي سنڌ ۾ نافذ ٿيندو بشمول ساحلي علائقن جي.

(3) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definition

2. هن ايڪٽ ۾، جيستائين ڪجھ مضمون ۾ مفهوم ڪجھ ٻيو نہ طلب ڪري، تيستائين:

(i) ”ڪميٽي“ مطلب دفعہ 3 تحت جوڙيل مشاورتي ڪميٽي؛

(ii) ”چيئرمين“ مطلب ڪميٽي جو چيئرمين؛

(iii) ”حڪومت“ مطلب سنڌ حڪومت؛

(iv) ”مينٽين ۽ مينٽيننس“ جنهن ۾ شامل آهي تحفظ ۾ ورتل ثقافتي ورثن ۽ هنڌن جي بچاءَ لاءِ لوڙها لڳرائڻ، ڍڪڻ، مرمت ڪرڻ، اصلي صورت ۾ آڻڻ، حفاظت ڪرڻ وغيره؛

(v) ”ميمبر“ مطلب ڪميٽي جو ميمبر؛

(vi) ”تحفظ ۾ ورتل ورثو“ مطلب ڪو هنڌ يا آثار قديمہ تاريخي، ثقافتي يا قومي قدر جو حڪومت طرفان نوٽيفڪيشن ذريعي اعلانيل هنڌ، جنهن ۾ شامل هوندي ان سلسلي ۾ منع ڪيل ٻاهرين زمين يا ٻاهريون پٽيون وغيره؛ ۽

(vii) ”مالڪ“ جنهن ۾ شامل آهي مالڪ طرفان قانوني طور مجاز بڻايل ڪو شخص ۽ ڪو مئنيجر يا انتظام رکڻ جا اختيار استعمال ڪندڙ ٽرسٽي.

مشاورتي ڪميٽي
Advisory committee

3. (1) هن ايڪٽ جي مقصد لاءِ، حڪومت هڪ مشاورتي ڪميٽي جوڙيندي، جيڪا چيئرمين ۽ حڪومت طرفان مقرر ڪيل 6 ٻين ميمبرن تي مشتمل هوندي، جن مان ٽي تعميراتي فن جا مورخ، آثار قديمہ جا ماهر، ورثي جي حفاظت ڪرڻ ۾ ماهر ۽ ثقافتي آرٽس ۽ ڪرافٽس جا عالم هوندا.

(2) چيئرمين يا ميمبر، سواءِ ايڪس آفيشو ميمبر جي،

جيستائين اهو حڪومت کي خط ذريعي استعيفيٰ نہ ڏئي يا اڳ ۾ هٽايو نہ وڃي، اهي حڪومت جي خوشي سان عهدو رکندا.

(3) چيئرمين ڪنهن شخص کي ميمبر طور مقرر ڪري سگهي ٿو.

(4) عهدي جي مقصد لاءِ مقرر ڪيل سرڪاري ميمبر عهدو ڇڏڻ تي ميمبر نہ رهندو.

4. جيڪڏهن ڪو سوال اٿي ٿو تہ ڪو هنڌ يا ڪا تعميراتي، تاريخي، آثار قديمہ يا قومي قدر جي شئي آهي يا نہ تہ، اهو معاملو حڪومت ڏانهن اماڻيو ويندو، جيڪا مشاورتي ڪميٽي سان مشاورت بعد ساڳئي معاملي تي فيصلو ڪندي ۽ حڪومت جو فيصلو حتمي هوندو.

سوال تہ ڇا تحفظ ۾ ورتل ورثو تاريخي آهي
Question as to whether any protected heritage is of historic interest

5. جتي ڪميٽي ڪا ڄاڻ حاصل ڪري ٿي يا ڪنهن ماڳ يا آرڪيٽيڪچرل، تاريخي، ثقافتي يا قومي قدر جي شئي جي دريافت يا موجودگي جي معلومات حاصل ڪري ٿي جنهن جو ڪو مالڪ نہ آهي، اها اهڙي ڄاڻ يا معلومات جي تصديق ڪرڻ کانپوءِ، اهڙا قدم کڻندي جيڪي اهڙي ماڳ يا شئي جي تحويل ۾ وٺڻ، محفوظ بڻائڻ ۽ تحفظ ضروري سمجهي.

علائقن جي حوالگي، تحفظ وغيره
Custody, preservation etc., of premises

6. (1) حڪومت ڪميٽي جي سفارش تي سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي يا ٻي صورت ۾ ڪنهن تاريخي، ثقافتي يا آرڪيٽيڪچرل قدر جي ماڳن جو هن ايڪٽ جي مقصد لاءِ تحفظ ۾ ورتل ورثي طور اعلان ڪري سگهي ٿي.

تحفظ ۾ ورتل ورثي جو اعلان
Declaration of protected

(2) ذيلي دفعہ (1) هيٺ شايع ٿيندڙ نوٽيفڪيشن جي ڪاپي اخبارن ۾ شايع ڪئي ويندي ۽ ان نوٽيفڪيشن جي ڪاپي اهڙي هنڌ تي يا نزديڪ ترين ماڳ پرسان لڳائي ويندي، جنهن سان اهي سبب پڻ ڄاڻايا ويندا، جن ڪارڻ نوٽيفڪيشن ڪڍيو ويو آهي ۽ اعتراض گهرايا ويندا ان ۾ ڄاڻايو ويندو تہ هڪ نوٽيفڪيشن جي نڪرڻ کان مهيني جي اندر اندر سرڪار نوٽيفڪيشن ۾ ڄاڻايل سببن ۽ اعتراضن تي ڪيل فيصلن جي روشنيءَ ۾ جوڳو قدم کڻندي.

(3) هڪ مهيني جو ڄاڻايل عرصو مڪمل ٿيڻ تي، حڪومت اعتراضن تي غور ڪرڻ بعد، جيڪڏهن ڪو هجي، تصديق ڪري سگهي ٿي يا نوٽيفڪيشن کي ختم ڪري سگهي ٿي.

(4) هن دفعہ تحت نوٽيفڪيشن، جيستائين اهو ختم نہ ڪيو وڃي، ان حقيقت جي جامع شاهدي هوندو تہ ماڳ يا هنڌ جنهن سان اهو لاڳاپيل آهي اهو هن ايڪٽ جي مقصد لاءِ تحفظ ۾ ورتل ورثو آهي.

حڪومت جي تحفظ ۾ ورتل ورثي جو حق يا سنڀال حاصل ڪرڻ

Acquisition of right in or guardianship of a protected heritage of the

7. (1) ڪميٽي حڪومت جي منظوري سان ڪنهن تحفظ ۾ ورتل ورثي کي خريد ڪري سگهي ٿي يا ان جي سنڀال ڪري سگهي ٿي.

(2) ڪميٽي ڪنهن تحفظ ۾ ورتل ورثي کي تحفو يا وصيت طور قبول ڪري سگهي ٿي.

(3) ڪنهن تحفظ ۾ ورتل ورثي جو مالڪ، لکت ذريعي ڪميٽي جوڙي ان کي تحفظ ۾ ورتل ورثي جو سنڀاليندڙ مقرر ڪري سگهي ٿو ۽ ڪميٽي حڪومت جي منظوري

سان اهڙي سنڀال واري حيثيت قبول ڪري سگهي ٿي.

Government

(4) جڏهن ڪميٽي ذيلي دفعه (3) تحت تحفظ ۾ ورتل ورثي جي سنڀال قبول ڪئي آهي، مالڪ سواءِ ان جي جيئن هن ايڪٽ ۾ بياني طور مهيا ڪيو ويو آهي، ان کي تحفظ ۾ ورتل ورثي يا شئي ۾ ساڳي حيثيت، حق ۽ فائدو حاصل هوندو جيئن ان کي ڪميٽي سنڀاليندڙ مقرر نه ٿيڻ ٿيڻ کان اڳ هيو.

**(5)** جڏهن ڪميٽي ذيلي دفعه (3) تحت تحفظ ۾ ورتل ورثي جي سنڀال قبول ڪئي آهي، دفعه 8 تحت ڪيل معاهدي سان لاڳاپيل هن ايڪٽ جون گنجائشون ڇاٽايل ذيلي دفعه تحت ڪيل لکت واري دستاويز لاڳو ٿينديون..

تحفظ ۾ ورتل ورثي جو تحفظ
Preservation of protected heritage

8. (1) ڪميٽي حڪومت جي گذريل منظوري سان مالڪ کي حڪومت سان ڪنهن تحفظ ۾ ورتل ورثي جي تحفظ لاءِ معاهدي ۾ داخل ٿيڻ جي تجويز ڪري سگهي ٿي.

(2) هن دفعه تحت معاهدي ۾ شامل هوندا هيٺيان معاملا معاهدي ۾ شامل ڪرڻ لاءِ: يا انهن منجهان جيڪي ضروري هجن.

(a) تحفظ ۾ ورتل ورثي جي مرمت ۽ حوالگي ۽ ان جي نظرداري لاءِ مقرر ڪيل ڪنهن شخص جون ذميواريون؛

(b) مالڪ جي انهيءَ حق تي پابندي جنهن ذريعي هو تحفظ ۾ ورتل ورثي کي تباهه ڪري، ان کي هٽائي، ان ۾ تبديلي آڻي يا ان جو هليو بگاڙي؛

(c) تحفظ ۾ ورتل ورثي کي برقرار رکڻ يا ان جي جاچ پڙتال ڪرڻ لاءِ ڪميٽيءَ طرفان مقرر ڪيل ڪن ماڻهن طرفان عوام کي يا عوام جي ڪنهن حصي کي ورثي تائين رسائيءَ

جي سهولت فراهم ڪرڻ؛

(d) مالڪ طرفان زمين جنهن تي تحفظ ۾ ورثل ورثو موجود آهي، اها وڪري لاءِ پيش ڪرڻ جي صورت ۾ حڪومت کي نوٽيس ڏنو ويندو، ۽ اهڙي ورثي کي خريد ڪري حڪومت طرفان محفوظ بڻائڻ جو حق هوندو يا اهڙي ورثي جو ڪو حصو، ان جي مارڪيٽ قيمت تي خريد ڪيو ويندو.

(e) تحفظ ۾ ورثل ورثي کي محفوظ بڻائڻ جي سلسلي ۾ مالڪ يا حڪومت طرفان برداشت ڪيل خرچ ادا ڪرڻ؛

(f) تحفظ ۾ ورثل ورثي کي محفوظ بڻائڻ جي سلسلي ۾ ڪو معاملو جيڪو مالڪ ۽ حڪومت وچ ۾ معاهدي جو سبب آهي.

(3) هن دفعہ تحت ڪنهن معاهدي جا قاعدا وقت بوقت حڪومت جي منظوري سان تبديل ڪري سگهجن ٿا.

(4) ڪا بہ ڌر ٻي ڌر کي ٽن مهينن جو لکت ۾ نوٽيس ڏئي معاهدو ختم ڪري سگهي ٿي.

(5) هن دفعہ تحت معاهدو تحفظ ۾ ورثل ورثي جي ڪنهن دعويدار شخص تي لاڳو ٿيندو، ان ڌر تحت جنهن جي ذريعي اهو معاهدو ڪيو ويو هجي.

(6) حڪومت طرفان تحفظ ۾ ورثل ورثي کي محفوظ بڻائڻ يا ان جي حفاظت تي آيل خرچ جي سلسلي ۾ حاصل ڪيل حق هن دفعہ تحت معاهدو ختم ٿيڻ تي متاثر نہ ٿيندو.

**سنڀال نہ ڪري سگهندڙ مالڪ**
**Owners under disability**

9. جيڪڏهن مالڪ نابالغي يا معذوري جي سبب ڪري پنهنجو پاڻ ڪم ڪرڻ جي، لائق نہ آهي، تہ ان طرفان قانوني طور مجاز بڻايل شخص دفعہ 8 تحت مالڪاڻا اختيار استعمال ڪندو.

| | |
|---|---|
| 10. (1) جيڪڏهن اهو سمجهيو ٿو وڃي تہ ڪو شخص تحفظ ۾ ورتل ورثي کي تباهہ ڪرڻ، هٽائڻ، تبديل ڪرڻ، بگاڙڻ يا ڊاهڻ چاهي ٿو يا ان تي تعمير ڪرڻ گهري ٿو يا محل وقوع جي ويجهو معاهدي جي شرطن سان تڪرار ۾ دفعہ 8 تحت ان جي تحفظ خلاف ڪجهہ ڪري ٿو ڪميٽي اهڙي ڀڃڪڙي خلاف منع نامي جا حڪم جاري ڪري سگهي ٿي. | رهتن جي اوڳاڙي Recovery of Arrears |
| (2) جيڪڏهن مالڪ يا ٻيو ڪو جيڪو دفعہ 8 تحت تحفظ ۾ ورتل ورثي جي حفاظت ۽ مرمت لاءِ معاهدي تحت پابند آهي، اهو ڪميٽي جي خيال ۾ اهڙي مرمت يا حفاظت لاءِ گهربل ضروري قدم نہ ٿو کڻي، يا اهڙي موزون وقت دوران جيڪو ڪميٽي طرفان طئي ڪيو ويو هجي، ان دوران اهڙا قدم نہ ٿو کڻي، تہ ڪميٽي ڪنهن شخص کي اهڙو قدم کڻڻ لاءِ بااختيار بڻائي سگهي ٿي، ۽ اهڙو قدم کڻڻ تي خرچ يا خرچ جو اهڙو حصو جيڪو معاهدي تحت مالڪ کي پرڻو هيو، اهو مالڪ کان لينڊ رينيو جي رهتن جي مد ۾ وصول ڪيو ويندو. | |
| (3) هن دفعہ تحت ڪيل حڪم سان متاثر شخص حڪومت کي اپيل ڪري سگهي ٿو جيڪا ان کي رد يا ان تي نظرثاني ڪري سگهي ٿي، ۽ ان جو فيصلو حتمي هوندو. | |
| 11. (1) جيڪڏهن ڪو مالڪ يا ٻيو ڪو بااختيار بڻايل شخص دفعہ 8 تحت تحفظ ۾ ورتل ورثي جي حفاظت لاءِ معاهدي ۾ داخل ٿئي ٿو اهو ڪميٽي طرفان ان کي ڏنل ڪم کان انڪار ڪري ٿو يا اهڙي معاهدي تي عمل ۾ ناڪام ٿئي ٿو ۽ جيڪڏهن اهڙي ورثي جي مرمت جي مقصد لاءِ ڪو | تحفظ ۾ ورتل ورثي جي مرمت لاءِ امداد جي درخواست Application of endowment to |

**repair of a protected heritage**

انڊومينٽ قائم ڪيو ويو آهي، يا اهڙن ٻين مقصدن لاءِ تہ، ڪميٽي ڊسٽرڪٽ جج جي عدالت ۾ اهڙي انڊومينٽ يا ان جي حصي جي جوڳي استعمال لاءِ ڪيس داخل ڪري سگهي ٿي.

(2) ذيلي دفعہ (1) تحت درخواست جي ٻڌڻي تي ڊسٽرڪٽ جج سمن جاري ڪري سگهي ٿو ۽ مالڪ ۽ ڪنهن شخص جنهن جي شاهدي سندس لاءِ ضروري هجي ان کان پڇاڻو ڪري سگهي ٿو ۽ انڊومينٽ جي جوڳي استعمال يا ڪنهن ڏر لاءِ حڪم جاري ڪري سگهي ٿو ۽ اهڙي ڪنهن حڪم تي ايئن عمل ڪيو ويندو جيئن اهو هڪ سول ڪورٽ جي ڊگري هيو.

**تحفظ ۾ ورثي جي لازمي خريد**
**Compulsory Purchase of Protected heritage**

12. جيڪڏهن حڪومت سمجهي تہ تحفظ ۾ ورتل ورثي کي تباهہ ٿيڻ، نقصان پهچڻ يا زبون حال ٿيڻ جو خطرو آهي تہ، حڪومت ان کي لينڊ اکويزيشن ايڪٽ، 1894 جي گنجائشن موجب حاصل ڪري سگهي ٿي، جيئن تحفظ ۾ ورتل ورثي جي حفاظت ايڪٽ موجب "عوامي مقصد" هجي.

(2) ذيلي دفعہ (1) تحت مليل ضروري خريد جا اختيار هيٺين صورت ۾ استعمال نہ ڪيا ويندا:

(a) تحفظ ۾ ورتل ورثو جيڪو يا جنهن جو حصو باقاعدگي سان مذهبي پيروڪاري لاءِ استعمال ٿيندو رهيو آهي يا

(b) ڪو تحفظ ۾ ورتل ورثو جيڪو دفعہ 8 تحت ڪيل معاهدي ۾ ايندو هجي.

**تحفظ ۾ ورتل ورثي جي مرمت**

13. ڪميٽي هر تحفظ ۾ ورتل ورثي جي سار سنڀال ۽ تحفظ ڪندي جنهن جا ڪي بہ حق جيڪي دفعہ 7 ۾ ڄاڻايل آهن،

حڪومت حاصل ڪيا آهن يا جيڪو حڪومت دفعه 12 تحت حاصل ڪيو آهي.

**Maintenance of protected heritage**

**حصيداري ۽ امداد**
**Contributions and donations**

14. ڪميٽي تحفظ ۾ ورتل ورثي جي مرمت جي مد ۾ رضاڪاراڻي طور رقم ۽ امداد حاصل ڪري سگهي ٿي ۽ ان طرفان اهڙيءَ ريت حاصل ڪيل ڪن فنڊس جي انتظام ۽ استعمال لاءِ حڪم جاري ڪري سگهي ٿي.

بشرطيڪ هن دفعه تحت حاصل ڪيل ڪا به رقم ٻئي ڪنهن مقصد لاءِ استعمال نه ڪئي ويندي، سواءِ ان مقصد جي جنهن لاءِ اها ڏني وئي آهي.

**تحفظ ۾ ورتل ورثي جو مقصد ۽ استعمال**
**Purpose and use of protected heritage**

15. هن ايڪٽ تحت تحفظ ۾ ورتل ورثو اعلانيه مقصدن ان جي خلاف استعمال نه ڪيو ويندو.

**تحفظ ۾ ورتل ورثي ۾ حڪومت جو حق ضايع ٿيڻ**
**Relinquishment of Government rights in a protected heritage**

16. حڪومت جي منظوري سان، ڪميٽي:

(a) جتي هن ايڪٽ تحت ڪنهن تحفظ ۾ ورتل ورثي جي سلسلي ۾ حڪومت طرفان حق حاصل ڪيا ويا هجن ڪنهن وڪري، ليز، تحفي يا وصيت جي سلسلي ۾، اها اهڙيءَ ريت حاصل ڪيل حق اهڙيءَ شخص جي حق ۾ ختم ڪري سگهي ٿي، جيڪو وقتي طور اهڙي ورثي جو مالڪ آهي؛ يا

(b) تحفظ ۾ ورتل ورثي جي هن ايڪٽ تحت قبول ڪيل سار سنڀال ختم ڪري سگهي ٿي.

**مخصوص تحفظ ۾**

17. (1) اهڙن قاعدن موجب جيڪي حڪومت طرفان ٺاهيا

**ورتل ورثي تي پهچ جو حق**
**Right of access to certain protected heritage**

وجن، عوام کي هن ايڪٽ تحت حڪومت طرفان سنڀاليل ڪنهن تحفظ ۾ ورتل ورثي تائين پهچ جو حق حاصل هوندو.

(2) ذيلي دفعه (1) تحت ڪو قاعدو جوڙڻ وقت حڪومت اهو طئي ڪري سگهي ٿي ته ان جي ڀڃڪڙي سزا جوڳي هوندي جنهن جو ڏنڊ پنجويهه هزار رپين کان وڌي سگهي ٿو.

**ڏنڊ**
**Penalty**

18. جتي مالڪ سميت ڪو شخص هن ايڪٽ تحت حڪومت طرفان سنڀاليل تحفظ ۾ ورتل ورثي کي تباهه ڪري ٿو، هٽائي ٿو، نقصان پهچائي ٿو، تبديل ڪري ٿو يا ان جو ڏيک بگاڙي ٿو يا ان سلسلي ۾ دفعه 8 تحت جيڪو معاهدو ڪيو ويو هو ان جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو، اهو ڏنڊ جي سزا جو مستحق هوندو، جيڪا هڪ لک رپين تائين وڌي سگهي ٿي، يا قيد جي سزا سان جيڪا ٽن سالن تائين وڌي سگهي ٿي، يا ٻئي گڏ.

**ختم ڪرڻ جو اثر**
**Overriding effect**

19. هن ايڪٽ جون گنجائشون وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون تي اثرانداز نه ٿينديون.

**قاعدا**
**Rules**

20. حڪومت هن ايڪٽ جي مقصدن لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

**هن ايڪٽ تحت ڪم ڪندڙ شخص جو تحفظ**
**Protection to the Person; acting under this Act**

21. ڪو ڪيس يا مقدمو يا ٻي ڪا قانوني ڪارروائي هن ايڪٽ يا ان تحت جوڙيل قاعدن تحت سٺي نيت سان ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي تي حڪومت، ڪميٽي، چيئرمين، ميمبر يا ڪميٽي جي ڪنهن ٻئي عملدار خلاف نه ٿيندي.

**نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**